# هير

سمنڊ ڪناري مهاڻن جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ڇوڪري رهندي هئي. جنهن جو نالو هير هو. ان کي ڪهاڻين ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هو. ان جي ناني کيس هرروز ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي. پر سندس ناني جي وفات کان پوءِ هن ڪابه ڪهاڻي ڪونه ٻڌي. ڇاڪاڻ ته هن کي پڙهڻ به نه ايندو هو جو پاڻ پڙهي وٺي ها. انهيءَ ڳاله جو کيس غم هوندو هو.

هڪ رات ڪڪرن جي گوڙ هير کي ننڊ مان جاڳائي ڇڏيو. پنهنجي دريءَ منجهان آسمان طرف ڏٺائين ته ايئن محسوس ٿيس ته ته ڄڻ خوفناڪ ڪارن ڪڪرن چنڊ ۽ تارن کي ڍڪي ڇڏيو آهي ۽ هيٺ سمنڊ ڪاوڙ منجهان گج پيو اڇلائي. تيز طوفاني هوا هئي پر هير گهبرائي ڪونه ڇاڪاڻ ته هوءَ اڳ به اهڙا گهڻائي طوفان ڏسي چڪي هئي.

جيئن جيئن سج اڀرڻ جي مهل ويجهي آئي ته طوفان جي ڪاوڙ به ڪجه ٺڌي ٿيڻ لڳي. هير دروازو کولي ٻاهر نڪتي ته ڪناري تي هن عجيب منظر ڏٺو. رات سمند جي ڇولين سوين مڇين کي ڪناري ڏانهن ڌڪي ڇڏيو هو. چاندي جهڙين مڇين مٿان سج جا ڪرڻا انڊلٺ جا رنگ ڇڻي رهيا هئا. پر اهڙي خوبصورت منظر ۾ ڏک به شامل هو. ڪيتريون ئي مڇيون آخري پساهه پيون کڻن ۽ ڪيتريون مڇيون ته واريءَ مٿان ڦٿڪن پيون. هير ٻوڙندي مڇين وٽ وئي ۽ انهن ڦٿڪندڙ ۽ تڙپندڙ مڇين کي کڻي واپس سمنڊ ۾ اڇلائڻ لڳي. سمنڊ به ڪجه پويان هلي ويو هو. هير ٻوڙندي ٻوڙندي زنده مڇين کي سندن وطن پهچائي رهي هئي.

ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ هير گهر واپس اچي وئي. هوءَ ڏاڍي ٿڪجي پئي هئي. بسترِي تي اڃان ستي مس ته ننڊ اچي ويس. ڇا ڪڏي ڏسي ته ڪيتريون ئي مڇيون سمنڊ مان ترنديون ان ڏانهن اچي رهيون آهن. ڪا مڇي سندس هنج ۾ چڙهيو پئي ويهي ته ڪا وري سندس ڪلهن تي پئي چڙهي ۽ ٻه ٽي ته هن جي مٿي تي چڙهي ويون مڇين جا پڇ سندس ڪنن ۾ ڪتڪتاڙيون پيا ڪن. مڇيون کيس پيار پيون ڪن ۽ اهي ڪجهه چون به پيون ’پياري هير تون اسان جي جان بچائي آهي. اسان توکي هڪ تحفو موڪليو آهي جيڪو توکي ڪناري تي ملندو.‘

هير جي اک کلي ته هوءُ ڪجه گهبرايل هئي ۽ پوءِ ڪناري طرف وٺي ڊوڙ پاتائين. هن ڏٺو ته سمنڊ پنهنجي ڇولين کي ڪناري تائين موڪلي مڇين کي واپس گهرائي ورتو آهي. مڇين کان سواءِ ڪنارو ٻسو ٻسو ٿي لڳو. هوءَ گهر جي طرف مڙي ته هن ڏٺو ته واري تي هڪ وڏي سپي پئي چمڪي. هيرکي خيال آيو ته هيءَ چاندي جهڙي سپي ضرور مڇين سندس لاءِ موڪلي هوندي.

هير جي اها ڳالھ ٻڌل هئي تھ هن قسم جي سپيءَ منجهان سمنڊ جو آواز ايندو آهي. سو هن ان سپي کي پنهجي ڪن سان لڳايو تھ هوءَ حيران ٿي وئي ڇاڪاڻ تھ سپي مان ايندڙآواز هن کي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو.

هڪ سال تائين هير سپي کي هر وقت پاڻ سان گڏ رکندي هئي ۽ ان کان ڪهاڻيون ٻڌندي هئي پر پوءِ سپي هڪ ڏينهن اوچتو غائب ٿي وئي. هير ڏاڍو رني پر ان کي سپي ٻيهر وري نه ملي.

هڪ ڏينهن اسڪول ۾ هن جي ٽيچر ڪلاس ۾ ڪجھ ڪهاڻين جا ڪتاب کڻي آئي. انهن ڪتابن ۾ هر ڪهاڻي سان گڏ رنگين تصويرون بھ هيون. هير غور سان تصويرون ڏسي رهي هئي تھ ان جي ٽيچر ثريا آپا هن وٽ آئي ۽ مرڪندي چيائين تھ ‘هير اسان جي اسڪول ۾ ڪهاڻين جي ڪتابن سان ڪٻٽ ڀريا پيا آهن. جي تون پڙهڻ سکي وٺين تھ پوءِ تون اهي سڀ پاڻ پڙهي سگهين ٿي.‘

ثريا آپا جي ڳالھ هن جي دل تي گهرو اثر ڪيو. ان کي ائين لڳو ڄڻ تھ هوءَ هاڻ ننڊ مان جاڳي آهي.. اهو مون پهريائين ڇونھ سوچيو؟. جي مون کي پڙهڻ اچي وڃي تھ پوءِ مان دنيا پر جون ڪهاڻيون پڙهي سگهان ٿي.۽ مان هراها شي جيڪا بھ ڄاڻڻ ٿي چاهيان اها معلوم بھ ڪري سگهان ٿي.

ان ڏينهن کان پوءِ هير تمام گهڻي محنت سان پڙهڻ ۽ سکڻ لڳي ۽ پوءِ جلدي ڪهاڻين جا ڪتاب پاڻهي پڙهڻ جي قابل بھ ٿي وئي. ڪجھ ئي عرصي ۾ هو ڪلاس ۾ سڀني کان اڳتي هئي ۽ پوءِ پوري اسڪول جي هوشيار ڇوڪري بڻجي وئي ۽ هن کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ اسڪالرشپ بھ ملي.

هير جڏهن وڏي ٿي تھ هوءَ تمام سٺي اسڪول ۽ ڪالج مان پڙهي چڪي هئي. اڄڪلھ هوءَ پاڻ ڪهاڻيون لکندي آهي. ۽ سندس ڪهاڻين کي تمام گهڻي شهرت پڻ ملي آهي. ممڪن آهي تھ توهان بھ پڙهيو هجي. اهو سڀ تمام گهڻو پڙهڻ جو ئي ڪمال آهي.

تحرير آمنھ اظفر

سنڌي ۾ ترجمو عطيھ دائود